# ٩. اِنصافُ

ٻُڌو. پڙهو ۽ لکو.



راجڪمارُ سِڌارٿُ هِڪ ڏينهن باغ ۾ وَڻَ هيٺان وينو هو. اَچانَڪ هُنَ جي هنجَ ۾ هِڪُ گهايلُ هَنسُ اَچي ڪِريو. گهايل هَنسُ تڪليف وچان ڦَٿِڪي رَهيو هو. سِڌارَٿ تہ هو ئي دَيالوُ. هُن هَنس جا زخمَ صاف ڪري اُنهن تي ملم لڳائي. اُن بعد سِڌارَٿُ هَنس تي آهستي آهستي هَٿُ ڦيرڻ لڳو. هَنسَ کي آرام اَچي ويو. ٿوري دير بعد سِڌارٿ وٽ سندس سؤٽ ديودت آيو ۽ ڪيس چيائين، ’هِن هَنسَ کي، مون تير هڻي ڪيرايو آهي. اِهو مُنهنجو شڪار آهي، اِن ڪري هِنَ تي تنهنجو ڪوبہ حقُ نٿو بڻجي. هِنَ تي مُنهنجو حقُ آهي.‘

آخر اِنصاف لاءِ معاملو راجا وٽ پُهتو. راڄ دَربار ۾ ٻنهي پنهنجي پنهنجي ڳالهہ تي زور ڏنو. راجا ٻنهي جا بيان ٻُڌي فيصلو ڏنو تہ هِن پکيءَ تي سِڌارٿ جو حقُ آهي. ڇو تہ مارڻ واري کان بَچائڻ واري جو حقُ وڌيڪ هوُندو آهي.

اُهو ئي راجڪمار سِڌارَٿُ اَڳتي هَلي گوتم ٻُڌ جي نالي مشهوُر ٿيو. هُنَ سڄي دُنيا کي پريم ۽ اَهنسا جو سنديش ڏنو.

## اَڀياس

**سوال ١ : هيٺيان خال ڀريو :**

١) گھايل هنس ........ وچان ڦٿڪي رهيو هو.
٢) اُهو مُنهنجو ........... آهي.
٣) آخر اِنصاف لاءِ ...... راجا وٽ پهتو.



**سوال ٢ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

١) سِڌارٿ هنس جي جانِ ڪيئن بچائي؟
٢) ديودت هنس تي حق ڇو جمائڻ لڳو؟
٣) راجا ڪهڙو فيصلو ڪيو؟
٤) سڌارٿ اَڳتي هلي ڪهڙي نالي سان مشهور ٿيو؟

**سوال ٣ : هيٺيان جملا ڪنهن ، ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) 'هن هنس کي مون تير هڻي ڪيرايو آهي.'
٢) 'پر مون هن جو علاج ڪري کيس بچايو آهي.'
٣) 'مارڻ واري کان بچائڻ واري جو حق وڌيڪ هوندو آهي.'

**سوال٤ : (الف) : هيٺين لفظن جا ضد لکو :-**

آهستي ................. مارڻ ...................... اِنصاف .................... پريم ................... اَهنسا ..................

**(ب) هيٺين لفظن جا عدد بدلايو :-**

معاملو .............. ڳالھ ...................... فيصلو ................. ڪوشش ................... حق ................

**هدايت :-** ماستر شاگردن کي پکين، پسن لاءِ پيار، همدردي ۽ اُنهن جي اَهميت سمجھائيندو.
**مشغولي :-** ماستر شاگردن کي گوتم ٻڌ جي جيونيءَ بابت ڄاڻ حاصل ڪري هڪ قصو يا ڪهاڻي لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

## پورڪ اَڀياس

١) هن آکاڻيءَ کي ديودت ۽ سڌارٿ جي گفتگوءَ جي روپ ۾ لکو.
٢) گوتم ٻڌ تي ڏهه جُملا لکو.

**ماٺ ۾ پڙهو :-**

رينوءَ کي پالتو جانورن سان ڏاڍو پيار هو. ڪڏهن ٻليءَ جي پونگڙن سان تہ ڪڏهن وري ڪُتيءَ جي گُلڙن سان پيئي راند ڪندي هئي. هڪ ڀيري جڏهن رينو اسڪول مان گھر اَچي رهي هئي، تڏهن گھر جي ويجھو هڪ ٻليءَ جي ٻچڙي کي ڦٿڪندي ڏٺو. اُن کي سنڀالي گھر کڻي آئي. کيس کير پيئاريائين ۽ سڄو ڏينهن سندس سنڀال ڪيائين. شام جو ٻليءَ جو ٻچڙو چرپُر ۾ اَچي ويو. اِهو ڏسي رينو تمام گھڻو خوش ٿي. ٻين کي خوش ڪرڻ سان اِنسان پاڻ بہ خوش رهي ٿو.



پڙهو. ٻڌايو ۽ لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مينا | سائو | علاج | واڱڻائي | ڳاڙهو |
| ٻيو ڪو | ٻار | ڪتاب | ناسي | وٽ |
| ڪڻُ | پڪي | وانگر | ڪارو | صاف ڪرڻ |
| گرم | ناهه | گهٽيئي | ٻلي | وچ |
| آيو | چنڊ | ٿڌو | ڪوشش | گول |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ننڍو | مليو | نيرو | توهان | ڇوڪري |
| نه | مون | ڇوڪرو | ٻوٽو | وڏو |
| تارو | اَڇو | آهستي | هڪ | ٿورو |
| سنهو | پيلو | گلابي | ڏٺو | ڏيکار |
| ڪر | مکه | ڪپي | تيز | ڦوڪڻو |

١) رنگ وارا لفظ ڳولهيو. مثال : ڪارو. ...........................................................

٢) هَم آوازي لفظ ڳولهيو. ...........................................................

٣) 'ڪ' وارا لفظ ڳولهيو. ...........................................................

٤) ساهوارا ڳولهي لکو. ...........................................................

٥) جُملا ٺاهيو. (ڪي به ڏهه) مثال : هڪُ ڳاڙهو ڦوڪڻو ڪڻُ.

١. ........................................ ٦. ........................................

٢. ........................................ ٧. ........................................

٣. ........................................ ٨. ........................................

٤. ........................................ ٩. ........................................

٥. ........................................ ١٠. ........................................